# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 2015

# SINDH ORDINANCE NO.III OF 2015

## سنڌ سائونڊ سسٽم (ريگيوليشن) آرڊيننس، 2015

## THE SINDH SOUND SYSTEM (REGULATION) ORDINANCE, 2015

## (CONTENTS) فهرست

(Preamble) تمهيد

(Sections) دفعئن

1. مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

Short title, extent and commencement

2. وصفون

Definitions

3. سائونڊ سسٽم استعمال ڪرڻ تي پابندي

Prohibition on the use of sound system

4. سائونڊ سسٽم جو ريگيوليشن

Regulation of sound system

5. جاچ پڙتال

Inspections

6. سزا

Punishment

7. ضبط ڪرڻ جو اختيار

Power to seizure

8. ازالو ۽ سمري ٽرائل

Cognizance and summary trial

9. ضبطگي

Confiscation

10. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

11. اوور رائيڊنگ افيڪٽ

Over riding effect

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 2015

# SINDH ORDINANCE NO.III OF 2015

# سنڌ سائونڊ سسٽم (ريگيوليشن) آرڊيننس، 2015

# THE SINDH SOUND SYSTEM (REGULATION) ORDINANCE, 2015

[16 مئرچ 2015]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ سائونڊ سسٽم کي هلايو ۽ ضابطو آندو ويندو؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ عوام کي شور کان بچائڻ ۽ ماڻهن کي فطرت جي ابتڙ تڪراري تقرير جي آواز کان بچائڻ لاءِ ۽ صوبي سنڌ ۾ مخصوص سائونڊ سسٽم جي استعمال کان منع ڪرڻ لاءِ، پبلڪ آرڊر، ڊسينسي ۽ دهشتگردي لاءِ پڙڪائڻ يا ڪنهن ڏوهہ لاءِ پڙڪائڻ ۽ لاڳاپيل معاملن کي منهن ڏيڻ لاءِ سائونڊ سسٽم کان روڪڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات
Short title,

1.(1)هن آرڊيننس کي سنڌ سائونڊ سسٽم (ريگيوليشن) آرڊيننس، 2015 سڏيو ويندو.

(2)ان جي پوري صوبي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.

extent and commencement

(3)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a)"ڪوڊ" مطلب ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر 1898 (1898 جو V)؛

(b)"حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(c)"عبادت جي جڳهه" مطلب هڪ مسجد، امام بارگاهه، مدرسا، گرجا گهر، مندر يا ڪنهن به فرقي يا مذهب جي ٻي ڪا عبادت جي جڳهه؛

(d)"بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(e)"عوامي هنڌ" مطلب عوامي گهٽي، عوامي رستو، عوامي پارڪ يا کيڏڻ جو ميدان يا ٻي ڪا جڳهه جيڪا عوام ميمبرز طرفان يا عوام جي ڪنهن حصي طرفان دعوت سان يا بنا دعوت جي استعمال ڪئي وڃي؛

(f)"قاعدا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا؛

(g)"سائونڊ سسٽم" مطلب لائوڊ اسپيڪر، سائونڊ ايمپليفائر يا اهڙو ڪو ٻيو اوزار جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛ ۽

(h)"پر پاسي" مطلب ايراضي يا جڳهه ڏهه ياردز جي اندر جتي سائونڊ سسٽم رکيو ويو هجي.

سائونڊ سسٽم استعمال ڪرڻ تي پابندي
Prohibition on the use of sound system

3.(1) هن آرڊيننس جي گنجائش موجب اهو ڪنهن به شخص لاءِ غير قانوني هوندو ته سائونڊ سسٽم استعمال ڪري، استعمال ۾ مدد ڪري، يا سائونڊ سسٽم جي استعمال جي اجازت ڏئي جيڪو ڪو وڏو، غير ضروري يا غير فطري آواز ڪري جيڪو پرپاسي جي ماڻهن کي تنگ ڪري، پريشان ڪري، زخمي ڪري يا انهن جي آرام ۾ خلل

وجهي، سڪون، صحت، امن يا ماڻهن جي تحفظ کي نقصان پهچائي.

(2)جيستائين ڪجهه هن آرڊيننس يا ٻئي ڪنهن قانون جي متضاد نه هجي، ڪو به شخص سائونڊ سسٽم استعمال نه ڪندو جيڪو بيان ڪيل تفصيلن جي ڀڃڪڙي هجي.

(3)حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي سائونڊ سسٽم جا تفصيل طئي ڪندي.

**سائونڊ سسٽم جو ريگيوليشن**

**Regulation of sound system**

4.(1)ذيلي دفعه (2) تحت ڪو به شخص سائونڊ سسٽم نه هلائيندو يا استعمال ڪندو يا هلائڻ جو سبب بڻجندو يا استعمال ڪرڻ جو سبب بڻجندو:

(a)عوامي جڳهه ۾، اهڙي طريقي پرپاسي ۾ ماڻهن جي پريشان ٿيڻ يا زخمي ٿيڻ جو سبب بڻجي يا سبب بڻجڻ جو خدشو هجي؛ يا

(b)اهڙي جڳهه ۾ جيڪا پرپاسي هجي:

(i)عبادت جي وقتن دوران عبادت جي جڳهه جي؛

(ii)اسپتال جيڪا ڏينهن يا رات جي ڪنهن به وقت مريضن کي سهولتون فراهم ڪندي هجي؛

(iii)ڪو تعليمي ادارو، ڪا عدالت، اسپتال جيڪا اندور مريضن لاءِ سهولتون فراهم نه ڪندي هجي يا ٻيو ڪو عوامي ادارو، آفيس يا انهن جي عام ڪم وارن ڪلاڪن دوران اهڙي مقدار ۾ يا اهڙي طريقي جتي ڪم يا اسٽيبلشمينٽ جو استعمال سائونڊ سسٽم جي استعمال سبب متاثر ٿئي؛

(iv)هڪ گهر يا ٻي ڪا جڳهه جيڪا ڪنهن به وقت ماڻهن جي رهائش لاءِ استعمال ٿيندي هجي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛ يا

(c)عبادت جي جڳهه ۾ جتي اهڙي طريقي يا اهڙي مقدار ۾ ڪنهن سائونڊ سسٽم جو آواز عبادت جي جڳهه جي حدن کان ڏهه يارڊز کان

وڏيڪ نہ پوڻ ۾ اچي؛ يا

(d)ڪنهن عوامي يا نجي جڳهہ ۾، جتي ڪي فرقيوارانا يا ٻيا ڪي فطرت جي ابتڙ تڪراري آواز عوام کي پريشان ڪن، جيڪڏهن اهڙا جيڪي اهڙي جڳهہ جي حدن جي اندر يا حدن کان ٻاهر ٻڌي سگهجن.

(2)دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (2) تحت ڪو شخص استعمال ڪري سگهي ٿو:

(a)هڪ ٻاهريون سائونڊ سسٽم عبادت جي جڳهہ تي آذان جي مقصد لاءِ، جمعي جي ڏينهن عربي خطبي لاءِ يا عيد تي، ڪنهن ماڻهو جي فوتگي جي اعلان لاءِ، ڪا شئي يا ڪو شخص گم ٿيڻ وڃڻ يا ملڻ جي صورت ۾؛ ۽

(b)ٻاهريون سائونڊ سسٽم ڪنهن عوامي جڳهہ تي ۽ مخصوص ڪلاڪن دوران حڪومت کان يا حڪومت طرفان بااختيار بڻايل عملدار کان اڳواٽ اجازت سان ۽ اهڙي اجازت ۾ ڄاڻايل شرطن موجب اهڙو سائونڊ سسٽم استعمال ڪري سگهجي ٿو.

جاچ پڙتال
Inspections

5.مڪاني علائقي جي پوليس اسٽيشن جو انچارج پوليس آفيسر اهڙن لڳاتار وقفن سان جيئن بيان ڪيو ويو هجي هر عبادت جي جڳهہ جا سائونڊ سسٽم چڪاسي يا چڪاس جو سبب بڻجي سگهي ٿو، اهو يقيني بڻائڻ لاءِ تہ هن آرڊيننس جي گنجائشن تي عمل ڪيو پيو وڃي ۽ اهڙي سموري جاچ پڙتال جو رڪارڊ بيان ڪيل طريقي موجب رکندو.

سزا
Punishment

6.جيڪڏهن ڪو شخص دفعہ 3 يا 4 جي ڪنهن گنجائش جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو اهو قيد جي سزا جي لائق هوندو جيڪا ڇهہ مهينن تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ جيڪو پنجويهہ هزار رپين کان گهٽ نہ هوندو پر پنجاهہ هزار رپين کان وڌيڪ نہ هوندو.

ضبط ڪرڻ جو اختيار

| | |
|---|---|
| 7.(1)هڪ پوليس عملدار جيڪو اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر جي عهدي کان گهٽ نہ هوندو اهو ڪنهن سائونڊ سسٽم کي جيڪو استعمال ٿيو هجي يا هن آرڊيننس تحت ڏوهہ ۾ استعمال ٿيڻ جو شڪ هجي، ان کي ضبط ڪري سگهي ٿو. | Power to seizure |
| (2)هن دفعہ تحت ضبط ڪيل ڪو سائونڊ سسٽم جيترو جلد ٿي سگهي هن آرڊيننس تحت ڏوهہ جي ٻڌڻي جو دائره اختيار رکندڙ عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو. | ازالو ۽ سمري ٽرائل<br>Cognizance and summary trial |
| 8.(1)هن آرڊيننس تحت ڏوهہ ازالي لائق ۽ ضمانت ٿيڻ جوڳو نہ هوندو. | |
| (2)جڊيشل ماجسٽريٽ هن آرڊيننس تحت ڏوهہ جي سمري ٽرائلز سان لاڳاپيل ڪوڊ جي باب XXII جي گنجائشن تحت ٻڌڻي ڪندو. | ضبطگي<br>Confiscation |
| 9.(1) هن آرڊيننس تحت ڪنهن ڏوهہ جي ٻڌڻي ڪندڙ عدالت ڪنهن لائوڊ اسپيڪر يا سائونڊ ايمپليفائر يا هن آرڊيننس تحت ڏوهہ ۾ استعمال ٿيل ڪنهن اوزار کي ضبط ڪرڻ جو حڪم ڏئي سگهي ٿي. | قاعدا جوڙڻ جو اختيار<br>Power to make rules |
| 10.حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | اوور رائيڊنگ افيڪٽ<br>Over riding effect |
| 11.هن آرڊيننس جي گنجائشن جي تيستائين اوور رائيڊنگ افيڪٽ هوندو جيستائين وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي متضاد نہ هجي. | |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**